This Article is written by
Dilgeer
from book "Sindhyat Jo Upasak"
compiled by Rukmani Chanani
published in year 2002

# اڏول اُتم

- هري دلگير

کي ويجها پِي ڏُور، کي ڏُور بہ ويجها سپرين (شاھ)

اُتم اُنهن اعليٰ اديبن مان هڪ آهي، جن سان [illegible] گهٽو مِليو جهُليو ناهيان، پر ان هوندي بہ هو [illegible] دل جي نزديڪ رهندو آهي. هُن سان شخصي [illegible] تہ نہ جهڙيون ٿيون آهن، پر قلمي دوستي پنجاهہ [illegible] کان بہ وڌيڪ پُراڻي آهي. ديش جي ورهاڱي کان [illegible] اڳي جڏهن هو حيدرآباد ۾ ڪاليج مخزن 'ڦليلي' [illegible] ايڊيٽر هو، تڏهن هُن مونکي خط لکِي، مون کان [illegible] بہ ڪوتائون گهرائي، پنهنجِي مخزن ۾ شايع ڪيون [illegible] ورهاڱي ڪانپوءِ اُتم سنڌ ڇڏي هليو ويو پر مان پورا [illegible] سال سنڌ ۾ ئي پيس. ١٩٥٨ع ۾ مان جڏهن ڀارت [illegible] پهتس، تہ اُتم خط لکِي مون تي ڪم رکيو تہ [illegible] يارهن سالن ۾ ڀارت ۾ سنڌي شاعريءَ جو جائزو [illegible] تڏهن هوُ 'نئين دنيا' جو سمپادڪ هو ۽ مون ڏي [illegible] سارا ڪتاب ۽ ڀارت ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي مخزنون [illegible] موڪلي ڏنيون ۽ مون لنبو ليک تيار ڪري اُتم ڏي [illegible] جو هُن 'ساهت سُگند' ۾ ڇپايو ۽ اُن وقت ڊسمبر [illegible] ۾ سنڌي سميلن جي موقعي تي بمبئيءَ ۾ اسان [illegible] ۾ ملياسين.

ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ، مون پنهنجو نئون وطن [illegible] (گانڌيڌام - ڪڇ) کي بڻايو آهي، جو ڳوٺ سنڌ جي [illegible] ڀارت جي هڪ ڏُورانهي ڪُنڊ ۾ اڏيل آهي ۽ [illegible]

مون کي اِها ڳالھ نہ وڻي؛ مون ڪيس لکيو تہ مخزن
[illegible] بہ هڪ ڏنڊو آهي - اشتهارن لاءِ ڏُڪ ڏوڙ ڪرڻ ۽
[illegible] کان دان وٺڻ ۾ ڪو اعتراض نہ ٿيڻ کپي؛ تون
[illegible] ڪرڻ نہ چاهين، ان ڪري تنهنجي مخزن ۽ اخبارون
[illegible] لي ويون. پر هُن کي منهنجي صلاح هرگز نہ وڻي.
ڪيتري وقت کان منهنجي دل ۾ ڪنڊو چُڀندو رهيو
آهي تہ ڪيرت ۽ اُتم جهڙن اعليٰ اديبن کي ساهتيہ
اڪادميءَ جو اوارڊ نہ ملي سگهيو آهي، توڙي ڪين سوويت
[illegible] جا اوارڊ ملي چُڪا آهن. منهنجو ايماندار رايو آهي
[illegible] هن ٻنهي کي ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ ضرور ترت
[illegible] گهرجي. ان ڪري مون سوچيو تہ مان اُتم جي لاءِ
ادبي رسالن ۾ ڪجھ لکان. مون هُن کي لکيو تہ هُو
منهنجي زندگيءَ ۾ ادبي ڪارنامن بابت، مونکي تفصيل
[illegible] ۽ منهنجي رهبري ڪري. پر اُتم مون ڏي ٽُڪ
جواب موڪليو تہ اوارڊ ۾ هُن جي ڪائي دلچسپي ڪانهي.
[illegible] سمجهان ٿو تہ اُتم ۽ ڪيرت کي اوارڊ نہ ملڻ هڪ
accident يا اتفاق آهي. پر اتم جي حالت ۾ مونکي اها بہ
[illegible] آهي تہ هن سچائيءَ يا حق جو آواز بُلند ڪري،
[illegible] دوستن کي بہ دشمن بڻائي ڇڏيو هوندو - اڪادميءَ
[illegible] لاڳاپو رکندڙن ۾ هُن جا اهڙا دشمن ٿي سگهن ٿا.
گذريل زلزلي ۾ منهنجو آديپور وارو آکيڙو جهُري پيو
[illegible] هن وقت مون وٽ ڪي بہ موجود ناهن، ان ڪري
[illegible] ليک يادگيريءَ مان لکيو اٿم. غلطين لاءِ معافي.

سان لهوچڙ گهٽ ٿيندي آهي. بس ڪن ادبي بيٺڪن تي ملاقات ٿي ويندي آهي. اُتم سان بہ منهنجون اهڙيون هجهہ مختصر ملاقاتون ٿيون آهن. پر اُتم جي لاءِ منهنجي دل ۾ اٿاهہ آدر ۽ پيار آهي. سنڌي ساهتڪارن جي پهرين ارمورتيءَ ۾ (سرگواسي) گوبند مالهي، ڪيرت ۽ اُتم جا ٻالا ايندا آهن. ٽنهي پارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي ڀلاءِ، بهبوديءَ، ڦهلاو ۽ ترقيءَ ۾ لاثاني پارٽ ادا ڪيو آهي. پر مان انهن ٽنهي سنڌيءَ جي سرويچ سپاهين ۾ پهريون نمبر اُتم کي ڏئي ڏيان ٿو.

اُتم هڪ شخص نہ، پر هڪ سنستا آهي. هوُ هڪ هامي جماعت آهي. هوُ هڪ ليکڪ، سمپادڪ، نقاد، پرڪاشڪ، پرچارڪ ۽ سنڌي ادب جو گهمندڙ ڦرندڙ وشوگرنٿ (encyclopedia) آهي. يادگيري نهايت تيز اٿس، پر سياءُ بہ اهڙو ئي تيز اٿس. ڪنهنجي خسيس غلطيءَ تي هوُ درواسا رشيءَ جيان هڪدم ڪاوڙجي ويندو آهي. ليڪن سندس غصي جو ڏنگ، نانگ جو مؤتمار ڏنگ نہ، پر ڏينڀوءَ جو ڏکوئيندڙ ڏنگ هوندو آهي. پر هر حالت ۾ هوُ دل جو صاف آهي. هي سنڌي ساهتيہ جو هڪ مستانو، ديوانو، پاڳل آهي. ڪيس پنهنجيءَ مستيءَ مان ڪوبہ دنيوي فائدو حاصل ڪونہ ٿيندو آهي. پنهنجي هڙان ۽ وڙان ڏيندو ئي رهندو آهي. پر انهن ڪرڻ سان ڪيس اندر جو آرام ۽ سُڪون ملندو آهي.

اڳين صديءَ جي ستين ڏهاڪي ۾ هن اڪيلي سِر روزاني سنڌي اخبار سنڌو سماچار/سنڌو سنسار ممبئي مان ڪڍي همال ڪري ڏيکاريو. پنو خريد ڪرڻ، ڪمپازيٽر، پروف

ريڊر، اخبارن کي ويڙهي گراهڪن يا ورهائيندڙن وٽ پهچائڻ
تنهن ڪانسواءِ ته مئٽر ڪنو ڪرڻ، اهي سڀ ڪم ۾
هڪ ئي جنوني شخص ڪندو هو. ڪيترو گهاٽو پوندو هوس،
ان جو پتو ڪونه اٿم. سڀيون سڀيون راتيون جاڳي، ها
جاڪوڙ ڪندو هو. ڳالهيون ٻُڌندو هوس ته هُن جي انساني
اُمنگ، لگن ۽ جفاڪشيءَ جي اڳيان دل ئي دل ۾ نمسڪار
ڪندو هوس. خبر ناهي ته نئين دنيا مخزن هلائڻ ۾
هُن ڪيڏا ڪشالا ڪڍيا هوندا ۽ مالي نقصان سلو هوندو،
پر اها خبر اٿم ته هنُ ڪيترن کي اُتساهه ڏيکي نوان
ليکڪ پيدا ڪيا.

١٩٩٤ کان ١٩٩٩ تائين مان گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي
جو چيئرمن ٿي رهيس. اُن عرصي ۾ اُتم، ڪن ڳالهين
تي متڀيد هئڻ جي ڪري، مون سان سخت لڙيو ۽ ڏاڍا
هنيائين. پر اُن هوندي به هن جي ايمانداريءَ ۽ ديانتداري
۾ وشواس قائم رهيو. جنهن به ڪارنامي کي هوُ غلط
سمجهندو آهي، ان جي هوُ ڀرپور مخالفت ڪندو آهي،
پر اهو هروڀرو ضروري ناهي ته هن جي صحيح يا غلط
جو فيصلو سدائين صحيح هجي. شروع ۾ هُن سلسلي
جي مخالفت ڪئي، پر پوءِ جڏهن اهو ڪاريه روبرو اچي
ڏٺائين ته پوءِ ٿڌو ٿيو.

اُتم پنهنجي اصولن ۽ آدرشن تان ڪڏهن به نه لڙيا
آهي. اهڙين ڳالهين ۾ هوُ هماليه وانگر اڏول رهيو آهي.
هڪ ليک ۾ هُن ٻن ساهتڪارن تي، جيڪي سمهاڙا ۽
مخزن هلائيندڙ به آهن، ڏنڌوڙيءَ هئڻ جو الزام لڳائي